# ڀٽڪي ويل سپنا

(ناول)

عزيز ڀنڀرو





# پٽڪي ويل سپنا

(ناول)

عزيز پنيرو

ڪمپوز: سرتاج جمالي

ڪويتا پبليڪيشن
حيدرآباد- 2008ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر- 35

ڪتاب جو نالو: ڀٽڪي ويل سپنا

موضوع: ناول

ليکڪ: عزيز ڀنڀرو

ڇاپو پهريون: نومبر 2008ع

تعداد 500

ٽائيٽل: انٽيل ڪميونيڪيشن حيدرآباد ڪمپوزنگ ڪمپيوٽنگ: سرتاج جمالي

ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن 9 بي جيمس حيدر چوڪ حيدرآباد سنڌ

ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشن حيدرآباد

قيمت 175 رپيا

اسٽاڪسٽ

سنڌيڪا بڪ شاپ، سچل بوڪ سينٽر، ذوالفقار بوڪ ڊيپو، [illegible] حيدرآباد
[illegible]

BHATKI VIYAL SAPNA
[Novel]
*By © Aziz Bhambhro*

Edition: First
Year: Novembr -2008
Quantity: 500
Title: Intel Communications, Hyderabad.
Published by: Kavita Publication, Hyderabad – Sindh.
Composing & Printed by: Intel Communications, Hyd.
Tel: 0092-22-2721172
Price: Rs. 175-00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳارو جو ٻي تاريخ

# ارپنا

## جيجل امڙ جي نانءَ...

جيڪا 11 مارچ 2007ع
21 صفر المظفر 1428هه
بروز آچر صبح 30_11 وڳي
ڪلندي ئي ڪِلندي هلي ويئي...
۽ مڪمل يتيميءَ جو داغ ڏيئي،
روئندن کي ڇلائي ويئي

توکان پوءِ ڪير اسانجي،
سيرين لهندو سار
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري

- عزيز پنيرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران | موهن مدهوش | 7 |
| پوپٽ پرن جهڙا رنگ چونڊيندڙ: عزيز پنيرو | امين ارباب | 08 |
| سيني لاءِ عزيز: عزيز پنيروا | ٻانهي حنيف ڪريمو | 10 |
| ڏات جي ڏيهه جا مخدوم بلاول | امير منڱرو | 13 |
| ليکڪ ڇا ٿو چوي؟ | عزيز پنيرو | 16 |

| | |
|---|---|
| پٽي ويل سپنا | 19 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

سنڌي ادب ۾ ناول جي کوٽ گهڻي عرصي کان رهي آهي جيڪا هن ڪري ناول نگار آهن ته اهي ناول لکڻ ڏي ڇڏي ڏنو آهي، ۽ جي ڪو لکن ٿا ته ان کي ڇاپڻ وارو ڪونهي. ان حوالي کان عزيز پنيري جو نالو ناول نگار طور پهريون دفعو منظرِ عام تي اچي رهيو آهي جنهن پنهنجي ناول "پتڪي ويل سپنا" ۾ هڪ ڪردار "سپنا" کي خوب ڪنيو آهي "سپنا" پنجاب جي هڪ ڪاليج لائيف کان پتڪندي پتڪندي سنڌ ۾ پهچي ٿي جتي هو سيوهڻ ۽ لاڙ جي علائقن ۾ پنهنجي پيار ڪهاڻي جون پيڙائون پوکي ٿي.

"پتڪي ويل سپنا" ۾ ڊائلاگ جو سٽاءُ به اهڙو آهي جنهن کي پڙهي، پورو ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. اميد ته پنهنجي اداري "ڪويتا پبليڪيشن" پاران پيش ڪيل هيءُ ناول، پاٺڪن جي جذبن کي ضرور ڇُهندو.

— موهن مدهوش
حيدرآباد
29 نومبر 2007ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سيني ۽ لاءِ عزيز: عزيز پنهيرو..!

خود عزيز جي جهڙي جي معصوميت هڪ ته لکي سگهيل ناول جهڙي آهي... ڪنهن ڏاهي جي چوڻي ٿي ياد پوي ٿي ته "The man, who has no imagination, has not wings" (اهو شخص جنهن جا تصور نه آهن، ان جا پر نه آهن). پر عزيز جا تصور هماليه جي پر... منهنجي نظر ۾ هڪ نه ڪيترن آسمان جيڏا آهن. تنهن ڪري ته ادب جي افق ۾ لڙ لڙائي، هڪ نه ڪيترن آڪار جي جستجو ۾ هڪ رومانس جي ميناري جهڙي رنگن ۾ گهه، ڪن ڪنوارن هٿن جي ڪنڪناٽي جهڙي من فريب احساساتي جلوي ۾ هي ناول تخليق ڪري ويٺو آهي، جو پڙهندڙن جي دماغ جا گهيرا هڪ ٽڪاءُ سان اڏاري ڇڏيا اٿس...!!

عزيز ته عزيز آهي... پر مونکي انهي ڪري به عزيزن کان وڌيڪ عزيز آهي، جو ڪاليج ۾ پڙهڻ واري سنهري ايامن ۾ سنڌس رومانوي ڪهاڻين جو پاڇو مون واري دل جي ڪوري ڪنواري عشق مثال ڪنهن پريءَ جي پاڇي جيان پيل هو- ۽ آئون عزيز جو اڻڊو پرستار هئس/آهيان. عزيز جيڪو لکيو ۽ جيترو لکيو اهو ايترو ئي مٽاس جي مهڪ ۾ مهڪيل آهي جيتري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏات جي ڏيهه جا مخدوم بلاول

ڪهاڻيءَ جو سفر تہ ڳهڻ پوءِ شروع ٿيو هو من جي اکين جي آغوش ۾ ايڪ ڪهاڻيون اٿهيءَ ڪان پهرين سرگردان سفر هيون، جڏهن سنڌس ڳوٺ پرسان خاڪ بدوش شڪارين جا لڏا گذرندا هئا. گڏهن جي خرزنن ۾ پيل ٻارڙا، هر منظر کي اچرج مان ڏسندڙ عورتون، لڏي پويان ڊوڙندڙ ڪتا ۽ ٻارڙا ڏسي من جي من اندر ۾ ايڪ ڪهاڻيون سرجيون هيون. اهڙين ڪيترين ئي ڪهاڻين جا ٽٽل ٽڪرا من جي لاشعور ۾ لياڪا پائيندا هئا. ڪنهن جو حساس ٻارڙو عزيز اهڙن ڪيترن ئي حسين منظرن جو ميلاپ آهي. اٿهن ئي رنگن من جي مطالعي ۽ مشاهدي جو سهارو وٺي ڪيس ڪهاڻي جي ڪاروان جو اهو مسافر بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن جي هر هڪ رڳ ۾ پيار سمايل آهي.

سماجي اڻ برابرين ڪيترن ئي اهڙن نوجوانن کي اذيتناڪ لمحن جي ڪهاڻي ۾ پيڙهين ٿيون. ڏات جي ڏيهه جا مخدوم بلاول جڏهن پنهنجي وجود جي هر هڏ جا ٽڪرا ڪات پڙهن ٿا تہ اها اذيت هنن کي ڪجهه نہ ڪجهه لکڻ تي مجبور ڪري ٿي. عزيز پنهنجي سميت هن وهي جا اهي نوجوان جن کي غم روزگار جڪڙي ڇڏيو آهي اهي جڏهن زنگيل ريتن، رسمن ۽ رواجن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليکڪ ڇا ٿو چوي؟

هر نئين تخليق هميشه درد ۽ پيڙائن مان پيدا ٿيندي آهي، جيئن ماءُ پيٽ ۾ نون مهينن کان اسرندڙ وجود کي ڏرتيءَ تي جنم ڏيڻ وقت زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش مان گذري، ڄڻڻ پار کي جنم ڏيندي آهي ته سندس پيٽ لڙي پوندو آهي ۽ هوءَ پرسڪون ٿي پوندي آهي. تيئن هڪ ليکڪ به ذهن ۾ اسرندڙ ڪنهن نئين تخليق کي ڪاغذ جي ڌرتي تي جنم ڏيڻ کان اڳ تڙپي، لڇي راتيون جاڳي، ڪيئي پورگنائون پوکي ٿو ۽ ڪنهن نئين تخليق کي جنم ڏيڻ کان پوءِ هو ڏاڍو پرسڪون ٿي پوندو آهي ۽ سندس اندر لڙي پوي ٿو. اهين منهنجو هي ناول "پنکي ويل سپنا" به 14 مهينن جي درد پيڙائن مان تسري پوءِ جنميو آهي ۽ سچي ڳالهه اها به آهي ته هن ناول جي لکجڻ کانپوءِ منهنجو اندر ايترو ته خالي ٿي پيو، ايڏو ته پرسڪون ٿي پيس جو اڄ تائين ڪائي ننڍڙي ڪهاڻي به ڪنهن رسالي کي ڏيئي نه سگهيو آهيان!!

هونئن به سائين منهنجو پنهنجي قلم تي لکڻ به اختيار نه رهيو آهي. اها الائي ته منهنجي خامي چئبي يا خوبي جو آئون لکڻ به ليکڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ايترو انتظار— جيترو چوندا—"

"پر—ا ؟"

"پر جڏهن توهان واپس مون وٽ ايندا ته پوءِ وچڻ ڪونه ڏينديس."

"مان انتظار ڪندس"

"توهان جو—"

"هِن وقت جو—"

"هِي — هِي بس ا —."

"اهو منهنجي زندگيءَ جو آخري انتظار هوندو."

⊙



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن جيئن رات گهري ٿيندي پئي وئي، تيئن تيئن سندن خيال ۽
احساس گهرا ٿيندا ٿي ويا.
انين منٽين ڳالهين ڪندا ۽ ڪينچلون ڪيڏندا ٿي رهيا—
جڻ اڄ سندن سهاڳ رات هجي ۽ هنن نه سمهڻ جو قسم کڻي
ڇڏيو هجي—؟!
ٻاڪرن جي احساس ۽ گرم جسمن جي لمس ۾ سندن نيڻن تي
ڳهر پوڙهنلي ٿي وڃي ۽ الائي ڪيڏي تائي ننڊ ديوي کين آرام جون
گوريون کارائي هلي ٿي وڃي،
ڪمري جي خاموشي ۾ ٻن ساهن جا سرڀات، سرد سناٽي ۾ مڌر
موسيقي جا آلاپ بڻجي پون ٿا—

⊙



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن سهاڳ رات
تنين جوڙي...
زندگي جا لطف ماڻي—
ٿڪي... ٽٽي...
نرم بستري تي
ٻانهن جي وهاڻن مٿي ڪنڌ رکي
سمهي پوندي آهي...؟؟

اجائي خوف ۾، ڪئين نفسياتي مريض جيان، روئيندي، رڙيون ڪندي مهينا گذاري ڇڏيائون—
ٽن مهينن کان ڪجهه ڏينهن مس چڙهيا هوندا، جو شهناز کي شديد سور اندر ۾ جاڳي اٿيا هئا—
نعيم کيس امريڪن ميڊيڪل سينٽر ۾ داخل ڪرايو.
سڀ کان مهانگي اسپتال— جتي ٻاهرين ملڪن جون پروفيسر ڊاڪٽرياڻيون هيون.
نعيم صاحب کي ڪلاڪ کن ڪانپوءِ ٻڌايو ويو ته "آپريشن ڪيس آهي."
"فوري آپريشن ڪرڻو پوندو—"
هن جي دل ٻڏڻ لڳي، حوصلا خطا ٿيڻ لڳس...
۽ آپريشن فارم تي صحيحون ڪرڻ وقت سندس هٿ ڏڪڻ لڳا هئا—
سامهون ويٺل هڪ پروفيسر ڊاڪٽرياڻي سندس اکيان فائيل ڪڍندي مرڪي کيس دلداري ڏني— "
"سڻا گهٻرائڻ جي ڪائي ڳالهه ناهي— هي معمول جو آپريشن آهي..."
"الله تي ڀروسو رکو..."
"سڀ ٺيڪ ٿي ويندو..."
جيئن ئي ڪاغذ کڻي ڊاڪٽرياڻي آفيس کان ٻاهر نڪتي ته هو ٻه چورن وانگي هلڪا قدم کڻندو سندس پويان وڃڻ لڳو.
ڊاڪٽرياڻي آپريشن ٿيٽر منجهه هلي وئي

نوري فقير جون دلچسپ ڳالهيون ۽ نصيحتون سپنا ڏاڍي دلچسپيءَ سان ٻڌندي رهي ٿي ۽ ڳڏوگڏ هٽ هٽن ۾ ڏيٺي جنبيلين مٽي گهمندا اٿين جيئن ميلي ۾ گهمڻ لاءِ ايندڙ نوجوان هٽن ۾ چنبيلين مٽي گهمندا آهن ته مٿان ڪٿي رش ۾ اهي هڪٻئي کان جدا ٿي نه وڃن.

هنن ميلي ۾ سجايل عارضي خوشين جا انيڪ اسٽال گهمي ڏٺا. ڪوڙين ڪهاڻين جا وزني ڪتاب، فلمي اداڪارائن جا پورٽريٽ، تحفي ۾ ڏيڻ جهڙين منڊين، هارن، ڪنگڻ ۽ چوڙين جا شوڪيس پڻ ڏٺائون.....!

هنن ميلي ۾ روح ريجهائيندڙ تماشا به ڏٺا ته وڏن ٿيٽرن اڳيان نچندڙ عورتن ۽ ڪڏڙن جا ڳڏيل ناچ به ڏٺا ته ماڻهن جي جهڳٽن ۾ سر آلاپيندڙ سريلين ڇوڪرين جا اگهاڙي عشق وارا فحش ڪلام پڻ ٻڌا.

اهين سڄي رات هو گهمندا رهيا هئا صبح ٿي ويو هو ۽ هنن واپس پڌين طرف وڃڻ جو فيصلو ڪيو جتي نوري فقير جو آشيانو سندن استقبال لاءِ آتو هو.......!

⊙



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏھن ڪان سنڌس بي مقصد زندگيءَ جي اجڙيل چمن ۾، ڪي رنگين گل ٽڙڻ لڳا ھئا...!

۽ ڪيس زندگيءَ سان پيار ٿيڻ لڳو ھو...!

......ھاڻي سنڌس اندر جون موسمون بي چين ٿي پيو ھيون...!؟

ھوءَ ڪڏھن بيحد خوش ھوندي ھئي...!

جيون ۾ اھڙو نکار اچي ويندو ھئس جو پاڻ کي آسمان تي اڏامندڙ آزاد پنڇي سمجھي فضائن ۾ گنگنائڻ لڳندي ھئي...!

۽ ڪڏھن وري سخت اداس!

ڪيس ڪل ڪائنات عجيب غم ۾ روئيندي محسوس ٿيندي ھئي...!

ھوءَ تڏھن سوچيندي ھئي ته...!

”ڪاش! ڪوئي پنھنجائپ جو اھڙو ۾ ڪلھو ھجي...! جنھن تي ڪنڌ رکي زارو قطار روئي... سموري زندگيءَ جو درد لڙڪن جي سيلاب ۾ ڪاھندي پيرين جيان لوڙھي ۽ پوڙي ڇڏيان...!؟“

⊙



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوي ٿي ۽ اندر ۾ لڙڪن جو سمنڊ ڇوليون هڻڻ لڳي ٿو آخر ۾ هو رفعت جي قبر تي تازه گل رکي نيري آڪاش جي وسعتن ۾ اُڏامندڙ پکين جون اُڏارون ڏسندي ياچ مهاڳ ڇين ۾ پٽڪي ٿو:

”ڪاش رفعتا ڪنهن ٻئين جنم ۾ قيامت کان اڳ توسان ٻيهر ميلاپ ٿي پوي ته جيڪر روئي رڙيه پيرن تي ڪري توکان پنهنجي هن گناهه ڪبيره جي بخشش وٺي ويراڳي روح کي هميشه لاءِ شانت ڪيئي ڇڏيان.“

اما سڄي ڪهاڻي پڙهڻ دوران سپنا پلنگ تي پاسيري ليٽي مٺي کي ٻانهن جي ٽيڪ ڏيئي ساجن جي چپن جي چرپر کي اکيون ٽمڪائي ڏسندي ڪهاڻي جي سحر ۾ گم سم رهي ٿي

⊙



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميرواهه جي ڪاهي ڪپ تي، پراڻي ٻير جي مڪل ٽڙ کي ٽيڪ ڏيئي، سگريٽ جا ڊگها ڪش هڻي هوائن ۾ دونهون اڏاري رهيو آهيان—!

سگريٽ جو هلڪو ڪارو دونهون—!

ڪن پل لاءِ منهنجي نظرن اڳيان ماڪ جي ڪوهيڙي جهڙي ڌنڌ پکيڙي—!

ناڻنگ وانگي ور وڪڙ—!!

۽ ٻولاٽيون کائي—!

اکين آڏو ڪجهه عجب ۽ سواليه نشانيون جوڙي—!!؟؟؟

هوا ۾ هڳاءُ جيئن تحليل ٿي رهيو آهي—!!؟

سگريٽ جي دونهين مان جڙندڙ نشانيون—!!؟؟؟"

لڳو هئم ته اندر جي اونهاين منجهان ڪي لڪل سوال— ڪي لڪل راز—!!!

اوچتو ٻاهر نڪري پيا هئا—!؟

ڪجهه اهڙا سوال—؟

ڪجهه اهڙيون نشانيون—!؟

جن جا ڪي به جواب—!

ڪي به سمجهاڻيون—!

مون شعور ۾ نه سوچيون— ۽ نه ئي ڏليون هيون—!!؟

—جيتوڻيڪ ته هن ٻير جي پراڻي وڻ سان به منهنجي تمام پراڻي شناسائي رهي آهي

پر الاهي ڇو—!؟

ٻير جو هي وڻ، ان وقت به منهنجي سوالن جا جواب نه ڏيئي سگهندو هو— جڏهن سنڌس جوڀن جي ٽهاڻن ڏارن ۾، محبوب جي ريشمي ٻانهن جي احساس— جهڙي، وڻندڙ ڇانو هوندي هئي—؟

هاڻي ته هيءُ به منهنجي اندر جيان، جوڀن جي سموري مستي لٽائي، هستي وڃائي— اجاڙ جو شڪار ٿي ويو آهي—!!؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"۽ جذباتي رشتن جو انجام ڇا ھوندو آھي---!؟

"ڇا، ڪوڪلا پاڪ ان اداڪاريءَ جو معاوضو ئي سگھن ٿا---!؟"

— پر ان وقت اھو پير جو پوڙھو وڻ خاموش ٿي ويو ھو---!

شايد ھن وٽ بہ منھنجي سوالن جا جواب ڪٿي ويا ھئا---!

مون ھڪدم سگريٽن جو پاڪيٽ ڪڍي ھڪ سگريٽ پيئڻ گھريو ھو---!

پر آخر تہ پاڪيٽ مان سگريٽ بہ ڪٿي ڇڪا ھئا---!؟

— پير جي ٽڙ جي ٽيڪ ڇڏي سڙو ئي آڪاش جي تيراڻ بہ نھارڻ لڳي چيو ھئم---!

"اڄ شايد منھنجا نصيب بہ ڪٿي ويا آھن---!؟؟"

⊙



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿين ٻي رات مان ساڃن کان انهيءَ ڪهاڻيءَ بابت ايترا ته سوال ڪيا هئا، جيترا سڄي ڪهاڻيءَ ۾ لفظ به نه هئا...!

بار بار پڇيو هئائين...!

"ساڃن! اها ڪهڙي بدنصيب ڇوڪري هئي جنهن تو جهڙي حساس ۽ پيار ڪندڙ ماڻهوءَ جي دل کي درد رساڻي وڇوڙي جي واٽن تان گذري ويئي...؟"

"ها ساڃن! آئون يقين سان چئي سگهان ٿي ته اها اهڙين ڳالهين ۾ سک ماڻي نه سگهندي، جنهن سچائيءَ جا پيرم ٽوڙي دنيوي رسمن کي ترجيح ڏيئي محبتن تي الزام آڻيندا هجن...!؟"

سپنا جذباتي ٿيڻ لڳي هئي...!

ساڃن مرڪي سندس اکڙين ۾ نهاريندي چيو ٿو...!

"سپنا! لڳي ٿو ته توهان به تمام حساس دل رکندڙ انسان آهيو...؟ تڏهن ته پرائي ڏک ۾ پنهنجا لڙڪ ٿي وهائين نه...!؟"

"هونئن به سپنا! جيئن ماڻهن جا ماڻهن سان رشتا هوندا آهن نه...؟ اٿين شايد، دردن جي دردن سان دوستي رهندي آئي آهي...!؟"

"شايد سپنا! پنهنجا درد به پاڻ وانگي پاڻ ۾ دوست ٿي ويا آهن...!؟"

⊙



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

... جيتوڻيڪ سپنا اهو هڪ بهانو ٿي سوچيو هو پر اتفاق سان صبح جو کيس تيز بخار چڙهي ويو هو...!

ويتر ساجن جي وقتي وڇوڙي جي احساس کيس بيهوشي جا دورا چاڙهي ڇڏيا هئا...!

کيس بيماري جي بستري تي به فقط ساجن جي ڇهري جو عڪس نظرن سامهون ڦرندو رهيو هو...!

هن گوريون ۽ دوا ڪارائينديڙ پنهنجي ساٿي نوري فقير جي ڇهري ۾ پڻ ساجن جا ئي عڪس ڏٺا هئا—۽ هن نوري فقير کي جڏهن بي حوصلائي ۾ بار بار ساجن جي پڪارڻ شروع ڪيو ته نوري فقير کي به ڪوئي اڄاتو خوف ورائي ويو هو ۽ هو بيٺي بيٺي پنهنجي دوست سپنا جي خدمت ڪندي رهيو هو...!

هوڏانهن سپنا جي درشن جا ديوانه سپنا جي غير موجودگي ۾ روڊن تي ويڳاڻن وانگي ڳولڻ لڳا هئا. ڪين ڪٿان به خوشبوءِ جو جهوٽو نه ملي سگهيو هو...!

⊙



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزيز پنهور جي قلم انهي ناول ۾ ڪمال ڪيو آهي. پڙهڪي ويل سپنا ادب جي دنيا ۾ هڪ اهڙو ناول آهي جيڪو انهي ناول جو هڪ پنو پڙهندو ته ٻيو پنو پڙهڻ لاءِ دل بيچين ٿيندي. اينءَ ٿي سڄو ناول عزيز دلچسپ ناهي جڙيو آهي. ڪڏهن اسلام آباد وري ڪڏهن بدين سان اچي ناول کي ملايو اٿس.. واه عزيز واه اهڙي منظرنگاري ڏسي پڙهندڙ جڏهن هڪ پل لاءِ پنهنجون اکيون بند ڪري ٿو ته پاڻ کي يا ته جسٽس نعيم جي ڪورٽ ۾ محسوس ڪري ٿو يا لعل قلندر جي نگري تي يا وري لاڙ پٽي جي سپاجهڙن ماڻهن جي شهر بدين جي رودن تي سپنا جي پويان. پويان گهمندي ڏسو ٿو..

شال عزيز صاحب جي لکڻ جو اهو ڪمال جاري ساري رهي. اسان مداحن لاءِ وري. وري ڪا نئين شئي آڻيندو رهي.

**سرتاج جمالي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book